# ڪعبي جو شان ۽ حج جون فضيلتون

**20June-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضرت سَيِدُنا اِبنِ وَهب رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کان روايت آهي ته حضرت سَيِدُنا ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنه اُمُّ المؤمنين حضرت سَيِدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِيَ اللهُ عَنها جي خِدمَت ۾ حاضِر ٿيا- ماڻهن رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو تذڪرو ڪيو ته حضرت سَيِدُنا ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنه فرمايائون: هر روز سَتَّر(70) هزار ملائڪ لهندا آهن جيڪي رسُولِ پاڪ، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قَبر شريف جي چوڌاري اچي پنهنجا پَر وڇائيندا آهن ۽ رسول رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُودشريف پڙهندا رهندا آهن، ايستائين جو جڏهن شام ٿيندي آهي ته هو (آسمانن ڏانهن) چڙهي ويندا آهن ۽ انهن وانگر (ٻيا ملائڪ) لهندا آهن، اهي به انهن ئي وانگر ڪندا آهن، ايستائين جو جڏهن زمين کُلندي ته حُضُورِ انور، شفيعِ محشر صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سَتَّر (70) هزار ملائڪن (جي جُهرمٽ) ۾ نڪرندا جيڪي حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي رب پاڪ جي بارگاهه ۾ پهچائيندا-** (مشڪاة،ڪتاب احوال القيامة وبدء الخلق،باب الڪرامات، ۲/۴۰۱ ،حديث: ۵۹۵۵)

**بَيان ڪيل حديثِ پاڪ جي حوالي سان حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: خيال رهي ته هميشه سمورا ملائڪ ئي حُضور (صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرُود موڪليندا آهن پر مذڪوره ستر (70) هزار ملائڪ اهي آهن جن کي زندگي ۾ هڪ ڀيرو دربار جي حاضري جي اجازت**

هوندي آهي، اهي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ حاضري ڏيندا آهن- جيڪي ملائڪ هڪ ڀيري حاضري ڏئي ويندا آهن، انهن کي ٻيهر حاضري جو شرف ناهي ملندو، سڄي زندگي ۾ صرف ڪجهه ڪلاڪ يعني اڌ ڏينهن جي حاضري نصيب ٿيندي آهي- (مفتي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ جي هن حصّي " ايستائين جو جڏهن زمين کُلندي ته حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ستَّر (70) هزار ملائڪن ۾ نڪرندا جيڪي حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي رب جي بارگاهه ۾ پهچائيندا-" جي وضاحت ۾ لکن ٿا:) يعني قيامت جي ان ڏينهن جي ڊيوٽي وارا ملائڪ حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي جُهرمٽ ۾ وٺي ربّ تعاليٰ تائين گهوٽ جيان پهچائيندا - (مرآة المناجيح، ۲۸۲/۸تا ۲۸۳)

اعليٰ حضرت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **"حدائقِ بخشش"** ۾ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اِشارو ڪندي ڇا خُوب ارشاد فرمائن ٿا:

سَتّر ہزار صُبح ہیں سَتّر ہزار شام
یُوں بندگیِ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے

(حدائق بخشش، ص۲۲۰)

مختصر وضاحت:يعني صبح ۽ شام لاڳيتو ستر (70)، ستر (70) هزار ملائڪ مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حسين زلفن ۽ مبارڪ چهري جي صبح شام تعريف ۽ توصيف جي لاءِ سندن مزارِ پُرانوار تي حاضري ڏيندا آهن-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون.فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندَس ❁

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهه ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** مڪو شريف هجي يا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شهر مدينو پاڪ ٻئي انتهائي احترام ۽ تعظيم جي لائق جڳهون آهن، جن جي عظمت ۽ رِفعت ۽ شان ۽ شوڪت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مڪي ۽ مديني کي ربّ ڪريم جن ظاهري ۽ باطني خوبين سان نوازيو آهي اهي ڪنهن ٻي شهر جي حصي ۾ نہ آيون آهن ۽ ائين ڇو نہ هجي جو مڪي شريف ۾ مسلمانن جي عقيدتن جو مرڪز **بَيتُ الله شريف** موجود آهي ۽ مدينہ منوَّره ۾ سَروَرِ عالم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نور وسائيندڙ **مزارِ پُر انوار** آهي-اڄ اسان اِنْ شَآءَالله ڪعبي شريف جي شان ۽ عظمت ۽ حج جي فضيلتن ۽ برڪتن بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، ياد رکو! مَڪي شريف ۾

فضيلتن ۽ برڪتن وارا ڪيئي مقام موجود آهن، پر انهن سڀني ۾ **ڪعبي شريف** کي هڪ خاص مقام حاصل آهي- قرآنِ مجيد جيان ڪعبي شريف جي حفاظت جو ذمو بہ ربِّ ڪريم پنهنجي ذِمَّہ ڪرم تي ڪنيو آهي تہ ڪا طاغوتي طاقت (يعني باطل پرست شيطاني طاقت) نہ قرآن مجيد کي فنا ڪري سگهي ٿي نہ ڪعبہ شريف کي رُوءِ زمين تان مٽائي سگهي ٿي ڇوتہ خداوندِ ڪريم انهن ٻنهي جو محافظ ۽ نگهبان آهي- (عجائب القرآن مع غرائب القرآن ،ص٢٢٦)

اچو! حصولِ برڪت جي لاءِ خانۂ ڪعبہ جي شان ۽ عظمت بابت هڪ حڪايت ملاحظو ڪريو،

## ڪعبي شريف کي سون جي زنجيرن سان ٻڌي مَحشر ۾ آندو ويندو

حضرت سيدُنا وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "تَورات شريف" ۾ آهي تہ الله پاڪ قِيامت جي ڏينهن پنهنجي 7 لک معزز ملائڪن کي موڪليندو جن مان هر هڪ جي هٿ ۾ سون جي هڪ زَنجير هوندي، الله پاڪ فرما ئيندو: وڃو! ۽ ڪعبي کي هنن زنجيرن ۾ ٻڌي مَحشر ڏانهن وٺي اچو، ملائڪ ويندا ان کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڪيندا ۽ هڪ ملائڪ پڪاريندو: ''اي ڪعبة الله! هل-'' تہ ڪعبو شريف چوندو: ''مان نہ هلندس جيستائين منهنجو سُوال پورو نہ ڪيو وڃي- آسمان تان هڪ ملائڪ پُڪاريندو: ''تون سُوال ڪر!''، تہ ڪعبو بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندو: ''اي الله پاڪ ! تون منهنجي پاڙي ۾ دفن ٿيل مؤمنن جي لاءِ منهنجي شَفاعت قَبول فرماءِ- تہ ڪعبو شريف هڪ آواز ٻڌندو: مون تنهنجي درخواست قَبول فرمائي ورتي- حضرتِ سيدُنا وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ مڪي شريف ۾ دَفن ٿيڻ وارن کي اٿاريو ويندو جن جا چهرا سفيد هوندا- اهي سڀئي اِحرام جي حالت ۾ ڪعبي جي چوڌاري گڏ ٿي تَلبِيہ (يعني لبيڪ) چئي رهيا هوندا- پوءِ ملائڪ چوندا: اي ڪعبہ! هاڻي هل- تہ هو چوندو: مان نہ هلندس، جيستائين منهنجي درخواست قَبول نہ ڪئي وڃي- تہ آسماني فضا مان هڪ ملائڪ پڪاريندو: تون گهر، تو کي ڏنو ويندو- تہ ڪعبو شريف چوندو: اي الله پاڪ! تنهنجا گنهگار ٻانها جيڪي گڏ ٿئي پري پري کان مٽي هاڻا مون وٽ آيا- انهن پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ عزيزن کي

ڇڏيو، انهن فرمانبرداري ۽ زيارت جي شوق ۾ نڪري تنهنجي حڪم مطابق حج جا رُڪن ادا ڪيا، تہ مان تو ڪان سُوال ڪيان ٿو تہ انهن جي حق ۾ منهنجي شَفاعت قَبول فرماءِ، انهن کي قِيامت جي گهبراهٽ کان امن عطا فرماءِ ۽ انهن کي منهنجي چوڌاري گڏ ڪر- تہ هڪ ملائڪ آواز ڏيندو: اي ڪعبہ انهن ۾ اهڙا ماڻهو بہ هوندا جن تنهنجي طواف کان پوءِ گناهہ ڪيا هوندا ۽ انهن تي قائم رهي پاڻ تي جهنَّم واجب ڪيو هوندو- پوءِ ڪعبو شريف عَرض ڪندو: اي الله پاڪ! انهن گنهگارن جي حق ۾ بہ منهنجي شَفاعت قَبول فرماءِ جن تي جهنّم واجِب ٿي چُڪو آهي-‘‘ تہ الله پاڪ فرمائيندو: مون انهن جي حق ۾ تنهنجي شَفاعت قَبول فرمائي-‘‘ تہ اهو ئي ملائڪ آواز ڏيندو: جنهن ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي اهو ٻين ماڻهن کان جدا ٿي وڃي- الله پاڪ انهن سڀني کي ڪعبي جي چوڌاري جمع ڪندو- انهن جا چِهرا سَفيد هوندا ۽ اهي جهنَّم کان بي خوف ٿي طواف ڪندي تَلبِيہ چوندا- پوءِ ملائڪ پُڪاريندا: اي ڪعبة الله! هل- تہ ڪعبو شريف (هن طرح) تَلبِيہ چوندو:

’’لَبَّيكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيك، وَالْخَيرُ كُلُّه، بِيدَيك، لَبَّيك لَا شَرِيك لَك لَبَّيك،

اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَا شَرِيك لَك‘‘

پوءِ ملائڪ ان کي چِڪي محشر جي ميدان ڏانهن وٺي ويندا- (الروض الفائق ص٦٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ! الله پاڪ مَڪي پاڪ کي ڪيتري عظيمُ الشّان خُصوصيتن ۽ بَرَڪتن سان نوازيو جو جنهن جنهن خوش نصيب جي ڪعبو شريف سفارش ڪندو، انهن سڀني کي الله ڪريم پنهنجي رحمت سان معاف ڪري ڇڏيندو، انهن کي پنهنجي رِضاء سان نوازيندو ۽ انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ ڪعبي شريف جي عظمت کي سمجهون، ان سان گهڻي کان گهڻي محبت ڪريون، ان جي اهميت ۽ عظمت کي پنهنجي دل ۾ وڌيڪ اُجاگر

ڪريون، اسان دنياوي پريشانين ۾ گرفتار رهڻ بدران حَرَمَين طَيبَين جي حاضِري جي لاءِ ڪوششون جاري رکون، ان جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ روئي روئي دُعائون گهرون، والِدين ۽ الله پاڪ جي مقبول ٻانهن جي بارگاھ ۾ حاضِر ٿي اُنهن کان دعائون ڪرايون، هن اُمّيد تي ته ڪڏهن ته ڪرم جو دروازو کُلندو، ڪڏهن ته اسان کي به سڏ ٿيندو ۽ ڪڏهن ته اسان جو به نالو حاجين جي فهرست(List) ۾ شامل ٿيندو-

الله کوئی حج کا سبب اب تو بنا دے

جلوہ مجھے پھر گنبد خضرا کا دکھا دے

(وسائلِ بخشش مرمّم، ص۱۱۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيتُ الله شريف جي شان ۽ عظمت

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! مڪي شريف ۾ موجود بيتُ الله شريف اهو مقدس مقام آهي جو جنهن جي تعريف ۽ توصيف قرآني آيتن ۾ موجود آهي- جيئن

سيپاري 4 سورة آلِ عمران جي آيت نمبر 96 ۾ الله ڪريم جو فرمانِ عظمت نشان آهي:

اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِىْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّ هُدًى لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۶﴾

(پ۴،آلِ عمران: ۹٦)

ترجَمو ڪنز الايمان: بيشڪ سڀ کان پهريون گهرُ جيڪو ماڻُهن جِي عبادت لاءِ مقرر ٿيو اُهو آهي جيڪو مَڪي ۾ آهي برڪت وارو ۽ سارِي جهان لاءِ رهنما آهي.

صَدرُ الافَاضِل حضرت علّامہ مولانا سَيد مفتي محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا ته هن ۾ ٻڌايو ويو ته سڀ کان پهريون گهر جنهن کي الله ڪريم اِطاعت ۽ عبادت جي لاءِ مقرر ڪيو نماز جو قبلو، حج ۽ طواف جو مقام بڻايو جنهن ۾ نيڪين جو ثواب گهڻو آهي اهو ڪعبہ مُعَظَّمہ آهي جيڪو مڪي شريف ۾ واقع آهي-

تفسير صِراطُ الجنان ۾ ڪعبي شريف جون ڪجھ خاصيتون بيان ٿيون آهن، اچو پڙهون ٿيون:

(1)... (ڪعبو شريف) سڀ کان پهرين عبادت گاھ آهي، ڇوته حضرت آدم عَلَیهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي-

(2)...(ڪعبو) تمام ماڻهن جي عبادت جي لاءِ بڻايو ويو جڏهن ته بيتُ المقدس مخصوص وقت ۾ خاص ماڻهن جو قبلو رهيو-

(3)...(ڪعبو شريف) مڪي پاڪ ۾ آهي، جتي هڪ نيڪي جو ثواب هڪ لک نيڪين جي برابر آهي-

(4)...ڪعبي شريف جو حج فرض ڪيو ويو-

(5)...حج هميشه صرف ڪعبي جو ٿيو، بيتُ المقدس قبلو ضرور رهيو آهي، پر ڪڏهن ان جو حج نه ٿيو-

(6)...ڪعبي شريف کي امن جو مقام قرار ڏنو ويو آهي-

(7)...ڪعبي شريف ۾ ڪوڙ نشانيون رکيون ويون جن ۾ هڪ مقامِ ابراهيم آهي-

(8)...پکي ڪعبي شريف جي مٿان ناهن ويهندا ۽ ان جي مٿان ناهن اڏامندا بلڪ اڏامندي ايندا آهن ته آس پاس هٽي ويندا آهن-

(9)...جيڪي پکي بيمار ٿيندا آهن اهي پنهنجو علاج هن طرح ڪندا آهن جو ڪعبي شريف جي فضا ۾ لنگهندا آهن، انهيءَ سان انهن کي شِفا ملندي آهي-

(10)...خونخوار جانور هڪ ٻي کي حرم جي حدن ۾ اِيذاء ناهن ڏيندا، ايستائين جو هن سرزمين ۾ ڪتا هرڻ جي شڪار جي لاءِ ناهن ڊڪندا ۽ اتي شڪار ناهن ڪندا-

(11)...ماڻهن جون دليون ڪعبي شريف ڏانهن ڇڪجي اينديون آهن ۽ ان ڏانهن نظر ڪرڻ سان لڙڪ وهڻ لڳندا آهن-

(12)...هر جمعي واري رات جو اوليائن جا روح ان جي آسپاس حاضر ٿيندا آهن-

(13)...جيڪو هن جي بي حرمتي ۽ بي ادبي جو ارادو ڪندو آهي، برباد

ٿي ويندو آهي -

(صراط الجنان،۲/۱۶،۱۵ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ولادتِ مصطفيٰ جو شهر

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مڪي پاڪ ۽ ڪعبي شريف جون ٻيون به ڪوڙ خصوصيتون آهن، هڪ خصوصيت اها به آهي ته هي ئي اهو شهر آهي جتي تاجدارِ مڪه و مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي، هي اهو ئي شهر آهي جتي جي گهٽين پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ قدمن کي چميو، هي اهو ئي شهر آهي جتي جي هوائن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي مقدس پساهن کي چُميو آهي، هي اهو ئي شهر آهي جتي جي گهٽين ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشبودار پگهر جي مهڪ ڦهليل آهي، هي اهو شهر آهي جتي جي خوش نصيب وڻن ۽ پٿرن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪئي آهي- هي اهو شهر آهي جتي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ ننڍپڻ ۽ جواني جون خوبصورت گهڙيون گذاريون آهن، هي اهو شهر آهي جتي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ نبوت جو اعلان فرمايو- هي اهو شهر آهي جتان ڪان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ اسلام جي تبليغ جي شروعات ڪئي آهي- ان ڪري اسان کي گهرجي ته هن مبارڪ شهر ۽ هن ۾ موجود بيتُ الله شريف جي محبت کي پنهنجي دل ۾ وڌايون، ۽ جڏهن مقدر دستگيري ڪئي ۽ ان شهر وڃڻ نصيب ٿئي ته هن جو خوب ادب ۽ احترام ڪريون ۽ هر طرح

جي بي ادبي کان بچون، اچو! خانه ڪعبه جا ڪجھ آداب ٻڌون ٿا: * اسان کي گهرجي ته اسان ڪعبة الله ڏانهن پير نه ڪيون، * ان ڏانهن معاذ الله ٿُڪ نه اڇلايون،* ان ڏانهن منهن ڪري گرڙي نه ڪريون، * ان ڏانهن پٺي ڪرڻ کان بچون، * ڪعبي جي بي حُرمتي نه ڪريون، * ان جي باري ۾ بُرا لفظ زبان مان نه ڪڍون* مطلب ته ان جي هر طرح جي بي ادبي کان بچون،*ان سان خوب خوب محبت ڪريون- جيڪڏهن اسان انهن تمام ڳالهين تي عمل ڪرڻ

۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ اِنْ شَاءَاللّٰہ اسان کي خوب خوب رحمتون ۽ برڪتون نصيب ٿينديون- اِنْ شَآءَ اللّٰه

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسلام جي شروع ۾ قبلو بيت المقدس هو، جڏهن تہ مسلمان بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز ادا ڪندا هئا، پوءِ بعد ۾ قبلو بيتُ الله شريف قرار ڏنو ويو، ان جو پسِ منظر ڇا آهي، اچو ٻڌون ٿا: جيئن سيپاري 2 سوره بَقَره جي آيت نمبر 144 ۾ ربّ ڪعبہ ارشاد فرمايو:

قَدۡ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجۡهِكَ فِى السَّمَآءِ ۚ

ترجمو کنز الايمان: اَسان توهان جو آسمان ڏانهن هَر هَر مُنهن ڪرڻ ڏِسي رهيا آهيون

(پ۲، البقرۃ، ۱۴۴)

## ڪعبو شريف قبلو ڪيئن بڻيو؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جڏهن حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مدينہ منوره ۾ تشريف وٺي آيا تہ سندن کي بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ نبي ڪريم، محبوب ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي حڪم جي پيروي ڪندي انهيءَ طرف منهن ڪري نمازون ادا ڪرڻ شروع ڪيون- پر حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ دِل جي خواهش اها هئي تہ خانۂ ڪعبہ کي مسلمانن جو قبلو بڻايو وڃي، ان جو سبب اهو نہ هو تہ بيت المقدس کي قبلو بڻائڻ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ناپسند هو بلڪ ان جو هڪ سبب اهو هو تہ خانہ ڪعبہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ سندن کان علاوه ڪيئي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو قبلو هو ۽ هڪ سبب اهو هو تہ بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جي ڪري يهودي فخر ۽ غرور ۾ مبتلا ٿي ويا ۽ اهو چوڻ لڳا تہ مسلمان اسان جي دين جي مخالفت ڪن ٿا پر نماز اسان جي قبلي ڏانهن منهن ڪري پڙهن ٿا- پوءِ هڪ ڏينهن نماز جي حالت ۾ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن اميد سان هر هر آسمان ڏانهن ڏسي رهيا هئا تہ قبلي جي تبديلي جو حڪم اچي، پوءِ نماز جي دوران اها آيت سڳوري نازل ٿي جنهن ۾ حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضاء کي رِضاءِ الٰهي قرار ڏيندي ۽ سندن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهري مبارڪ جي حسين انداز کي قرآن ۾ بيان ڪندي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خواهش ۽ خوشي جي مطابق

كعبي کي قبلو بڻايو ويو- پوءِ پاڻﷺ نماز ئي ۾ كعبي شريف ڏانهن ڦري ويا، مسلمانن بہ حضور اكرم ﷺ سان گڏ ان طرف منهن كيو ۽ ظهر جو بہ ركعتون بيت المقدس ڏانهن ٿيون ۽ بہ ركعتون كعبي شريف ڏانهن منهن كري ادا كيون ويون-

## قبلي جي تبديلي ۾ حكمت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! قبلي جي تبديلي جي هك اها حكمت بيان ٿي تہ هن سان مؤمن ۽ كافر ۾ فرق ۽ امتياز ٿي وڃي تہ كير حضورِ اقدس ﷺ جي حكم تي قبلو تبديل كري ٿو ۽ كير پاڻ سڳورن ﷺ جي نافرماني كري ٿو-(تفسيركبير، البقرة، تحت الآية: ١٤٣، ٢/ ٩٠)

### خدا چاھتا ہے رضائے محمد

اهڙي طرح قبلي جي تبديلي مان هك ڳالھ اها بہ معلوم ٿي تہ الله پاك کي پنهنجي حبيب، ڏكايل دلين جي طبيب ﷺ جي رضاء تمام گهڻي پسند آهي ۽ الله پاك پنهنجي حبيب عليه الصّلوٰة والسّلام جي چاهتن کي پورو فرمائيندو آهي- امام فخر الدين رازي رحمة الله عليه فرمائن ٿا: بيشك الله پاك پنهنجي حبيب ﷺ جي كري قبلو تبديل فرمايو ۽ هن آيت ۾ هيئن نہ فرمايو تہ اسان توهان کي ان قبلي ڏانهن ڦيريندا سين جنهن ۾ منهنجي رضا آهي بلك هن طرح ارشاد فرمايو: فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰهَا ترجمو كنزالايمان: پوءِ جنهن قِبلي ۾ اوهان راضِي هُجو (اوڏانهن) ضرُور اوهان کي ڦيرائيندا سين - ڄڻ تہ ارشاد فرمايو: اي حبيب! ﷺ هر كو منهنجي رضاء جو طلبگار آهي ۽ مان ٻنهي جهانن ۾ تنهنجي رضا چاهيان ٿو- (تفسيركبير، البقرة، تحت الآية: ١٤٣، ٢/ ٨٢)

سركارِ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رحمة الله عليه ڇا خوب فرمائن ٿا:

زَہے عزّت و اِعتِلائے محمد — کہ ہے عرشِ حَق زیرِ پائے محمد
مکاں عرش اُن کا فَلک فَرش اُن کا — ملک خادمانِ سَرائے محمد
خُدا اُن کو کس پیار سے دیکھتا ہے — جو آنکھیں ہیں محوِ لِقائے محمد

دَمِ نَزع جاری ہو میری زَباں پر          محمد محمد خدائے محمد

عَصائے کلیم اژدہائے غَضَب تھا          گروں کا سَہارا عَصائے محمد

خُدا کی رضا چاہتے ہیں دوعالَم          خُدا چاہتا ہے رضائے محمد

(حدائقِ بخشش، ص،٦٥،٦٦)

**مختصر وضاحت:** واهہ واهہ! ڇا ڳالهہ آهي، الله پاڪ ڪيترو بلند مقام عطا فرمايو آهي جو عرشِ الٰهي پنهنجي تمام بلندين جي باوجود رسولِ پاڪ، صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پيرن هيٺ آهي- اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو شان ڪيترو بلند آهي جو عرش ان جو مڪان آهي، آسمان ان جي لاءِ فرش جيان آهي ۽ ملائڪ سندن عَلَیۡہِ السَّلَام جي درِ دولت جا خدمتگار آهن- جن اکين الله پاڪ جي حبيب، ڏکويل دلين جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو دِيدار ڪيو، الله پاڪ اُنهن اکين کي ايتري قدر پسند فرمائيندو آهي جو اهڙين اکين وارن کي تمام اُمّت تي فضيلت عطا ڪري ڇڏي- جڏهن منهنجو ساهہ نڪري رهيو هجي تہ منهنجي زبان تي مڪي مدني لجپال، رسولِ بي مثال صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ ان جي ربِّ ڪريم جو نالو ئي هجي- حضرت موسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جي لٺ وڏو غضبناڪ ازدهو (تمام وڏو نانگ) بڻجي نانگن کي ڳيهي وئي جڏهن تہ اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ لٺ ڪرندڙن جو سهارو ٿيندي آهي- ٻئي جهان الله پاڪ جي رضاء چاهيندا آهن جڏهن تہ اهو خدا ٿي مصطفيٰ ڪريم عَلَیۡہِ السَّلَام جي رضاء چاهي ٿو-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حج هڪ اهم فريضو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان بيتُ الله شريف جي فضيلتن ۽ برڪتن بابت ٻڌي رهيون هيوسين، بيتُ الله شريف جي هڪ خصوصيت اها بہ آهي تہ اهو ئي اهو هنڌ آهي جتي هر سال دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين عاشقانِ رسول گڏ ٿيندا آهن- پنهنجي نسل، پنهنجي زبان، پنهنجي رنگ ۽

پنهنجي وطن جو فرق مٽائي هڪ وقت ”صداءِ لبيڪ“ بلند ڪندي حج جو فريضو ادا ڪندا آهن-

**حج** ارڪانِ اِسلام مان هڪ بنيادي رُڪن ۽ اَهم عِبادت آهي، الله ڪريم صاحبِ استطاعَت ماڻهن تي ان کي فرض ڪيو آهي، جيڪو فرض هئڻ باوجود ان جي ادائيگي ۾ ڪوتاهي (Negligence) ڪري سخت گنهگار ۽ جهنّم جو حقدار آهي، الله پاڪ سيپاري 4سُورة اٰلِ عمران آيت نمبر 97 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حج تمام وڏي نعمت آهي، حج جي سعادت ماڻڻ وارن خوش نصيبن تي الله پاڪ خُصُوصي ڪرم نوازيون فرمائيندو آهي، اهو پاڪ پَروَردگار حج ڪرڻ وارن کي حج جي بدلي ۾ اهڙن عظيمُ الشّان اَنعامن کان نوازيندو آهي جن جي باري ۾ ٻڌي مُسلمانن جي دلين ۾ به انهن مُقدّس هنڌن جي زِيارت جو ذوق ۽ شوق مزيد وڌڻ لڳندو آهي-**

## حج جون فضيلتون

**اچو!حج جون فَضيلتون ۽ حاجين کي خدا** عَزَّوَجَلَّ **طرفان ملڻ وارن انعامن بابت 4 فَرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ **ٻڌون ٿيون، جيئن**

1. ارشاد فرمايائون: **جيڪو حج جي اِرادي سان نڪتو، پوءِ مري ويو ته الله پاڪ قِيامَت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ واري جو ثَواب لکي ڇڏيندو ۽ جيڪو عُمري جي اِرادي سان نڪتو، پوءِ مري ويو ته ان جي لاءِ قِيامَت تائين عُمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو-** (مسند ابي يعليٰ ، مسند ابي هريرة ، ۵/ ۴۴۱، حديث: ٦٣٢٧)
2. ارشاد فرمايائون: **جڏهن توهان ڪنهن حاجي کان مُلاقات ڪيو ته ان کي سلَام ۽ مُصَافَحو ڪيو ۽ ان کي چئو ته اهو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان توهان جي لاءِ مَغفِرت جي دعا ڪري، ڇوته ان جي مَغفِرت ٿي چڪي آهي-** ( مشڪاة المصابيح ، ڪتاب المناسڪ،الفصل الثالث، ۳۴۲/۱،حديث:۲۵۳۸)
3. ارشادفرمايائون: **حج ڪندا رهو، ڇوته حج گُناهن کي اهڙي طرح ڌوئي ڇڏيندو**

**آهي، جهڙي طرح پاڻي مير کي ڌوئيندو آهي-**
(معجم اوسط ، من اسمه القاسم، ٣ / ٤١٦،حديث:٤٩٩٧)

4. ارشاد فرمايائون: **حاجي پنهنجي گهر وارن مان چار سؤ 400**(مُسلمانن) **جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن ماءُ جي پيٽ مان ڄائو آهي.** (ڪنزالعمال ، حرف الحاء،ڪتاب الحج والعمرة،الفصل الاول في فضائل الحج، الجزء: ۵، ۷/۳، حديث: ۱۱۸۳۷)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اوهان ڏٺو! ربّ ڪريم حاجين تي ڪيترو مهربان آهي ۽ انهن تي ڪهڙيون ڪهڙيون نوازشون ڪندو آهي، انهن جي گناهن کي معاف ڪندو آهي، انهن کي مغفرت جا پروانا عطا ڪندو آهي، انهن کي 400 مسلمانن جي شفاعت جو اختيار عطا فرمائيندو آهي- ۽ جيڪو حج جي ارادي سان نڪري ۽ فوت ٿي وڃي ته ان جي لاءِ قيامت تائين حج جو ثواب لکيو ويندو آهي- يقيناً **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** ربّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندو آهي- **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** رحمتن ۽ برڪتن جي ڇانوَ ۾ هوندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** اللّٰه پاڪ جي امان ۾ هوندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** پنهنجي نيڪين ۾ خوب اضافو ڪرائيندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** شيطان جي ڄار مان نڪري ويندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** پنهنجي گناهن جي بخشش جو سامان جمع ڪندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** ڄڻ رحمتِ الٰهي ۾ غوطا لڳائيندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** ڪعبي شريف جي پُرنور نظارن سان اکين کي ٺڏو ڪندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** وڪ وڪ تي نيڪ ٻانهن جون يادون تازه ڪندو آهي، **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي راهه تي هلندو آهي، مطلب ته! **حج جي سعادت ماڻڻ وارو** دنيا ۽ آخرت جي ڪيئي ڀلائين جو حقدار ٿي ويندو آهي- اللّٰه پاڪ اسان کي به بار بار حج بيتُ اللّٰه جون سعادتون عطا فرمائي-

هونئن ته حج ۾ ڪوڙ ڪم ڪيا ويندا آهن، انهن مان هڪ **طواف** به آهي، حج جي سعادت ماڻڻ وارو ڪعبة اللّٰه شريف جي چوڌاري پرواني جيان چڪر

لڳائيندو آهي، جنهن کي **طواف** چئبو آهي- طواف به هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا سڄي دنيا ۾ صرف **مڪي پاڪ** ۾ ملندي آهي، اچو ڪعبي شريف جي طواف جي فضيلتن تي مشتمل 2 فرمان مصطفيٰ ﷺ ٻڌون ٿيون:

## طواف جون فضيلتون

1. جنهن ڪِٿي طواف جا ست چڪر لڳايا ۽ پوءِ 2 رَڪعتون ادا ڪيون ته اهو هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي ۽ طواف ڪندي هر وک جي بدلي ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ ان جا 10 گناهه مٽايا ويندا آهن ۽ 10 دَرَجات بُلند ڪيا ويندا آهن- (مسند امام احمد بن حنبل، ج٢ص٢٠٢حديث۴۴۶٢)
2. جيڪو بيت الله جي طواف جا ست چڪر پورا ڪري ۽ ان ۾ ڪا بيهودَه ڳالهه نه ڪري ته اهو هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي-(المعجم الکبير،ج٢٠،ص٣۶٠حديث٨۴۵)

ہر برس کاش! آکے مکّے میں لُطف اُٹھاؤں طواف کا یاربّ

(وسائلِ بخشش مرمم، ص٨١)

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّي الله عَلٰي مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! جيڪڏهن اسان پنهنجي بزرگن جي حالات جو مطالعو ڪريون ته اسان کي خبر پوندي ته الله پاڪ جا نيڪ ٻانها عشقِ الهي ۾ فنا ٿي حج جي سعادت ماڻڻ نڪرندا هئا ته انهن جو حال اهو هوندو هو جو آهه و زاري، شب بيداري ۽ ڪثرت سان اَشڪ باري انهن جو معمول هوندو هو- اچو! انهيءَ باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون ٿيون:

## مان ڇو نه روئان؟

منقول آهي ته حضرت سيدنا ابو جعفر محمد بن علي بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حج جي لاءِ (پنهنجي گهران) نڪتا، جڏهن پاڻ مسجِد الحرام ۾ داخِل ٿيا ته بيتُ الله شريف کي ڏسي روئڻ لڳا ايستائين جو سندن جو آواز بلند ٿي ويو، سندن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عَرض ڪيو ويو: سائين سڀني ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن آهن تنهنڪري پنهنجي آواز کي ڪجهه گهٽ ڪريو، ارشاد فرمايائون: مان ڇونه

روئان؟ شايد منهنجي روئڻ سبب الله مون تي رحمت جي نگاهه فرمائي ۽ مان قيامت جي ڏينهن ان جي بارگاهه ۾ ڪامياب ٿي وڃان، پوءِ پاڻ بيتُ الله جو طواف ڪيو ۽ مقامِ ابراهيم تي نماز پڙهي، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سجدي مان مٿو ڪنيو تہ سجدي واري جڳهہ لڙڪ سان پريل هئي-(رَوضُ الرَّياحين،الحكاية الثانية والسبعون، ص١١٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو تہ حضرت امام عالي مقام حضرت سيدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي پوٽي جنابِ حضرت سيدُنا محمد بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪهڙي ڪيفيت هئي، الله پاڪ انهن جي صدقي اسان کي بہ عبادتن ۾ اخلاص عطا فرمائي ۽ جيڪي عاشقانِ رسول حج جي سعادت ماڻن الله پاڪ سڀني کي حجِ مقبول جون سعادتون نصيب ڪري- عالم سڳورن مقبول حج جون ڪيئي نشانيون بيان ڪيون آهن، اچو انهن مان ڪجهہ نشانيون اسان بہ ٻڌون ٿيون- جيئن

## مقبول حج جون نشانيون

حُجَّةُ الاِسلَام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منقول آهي، حج جي قبول ٿيڻ جي هڪ نشاني اها بہ آهي تہ حاجي جن نافرمانين ۾ ڦاٿل هو، انهن کي ڇڏي ڏئي ۽ پنهنجن بُرن دوستن کي ڇڏي نيڪوڪارن جي صحبت اختيار ڪري، راند روند ۽ غفلت ڀرين مجلسن کي ڇڏي ذِڪر ۽ فِڪر ۽ بيداري جون محفلون اختيار ڪري- (احياء العلوم،٨٠٣/١) ★ اعليٰ حضرت،امامِ اَهلسنت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حجِ مَبرُور(مقبول حج) جي نشاني ئي اها آهي تہ ڦهريان ڪان سنو ٿي موٽي- (فتاويٰ رضويه،٤٦٧/٢٤) ★ صدرُ الشَّريعہ،بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانا مُفتِي محّمد اَمجَد علي اعظَمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:(حاجي کي گهرجي تہ اهو) حاجت کان وڌيڪ زادِ راهہ (سفري سامان) وٺي جو ساٿين جي مدد ۽ فقيرن تي صدقو ڪندو هلي، جو اها مقبول حج جي نشاني آهي-(بهار شريعت، حصه ششم،١٠٥١/١بتغير قليل) ★ مشهور مُفَسّر،

حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مقبول حج اهو آهي جيڪو جهيڙي جهٽي، گناهہ ۽ ڏيکاء کان خالي هجي ۽ صحيح ادا ڪيو وڃي-(مرآۃ المناجيح،۸۷/۴بتغير قليل) جڏهن تہ شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مقبول حج اهو حج آهي جو جنهن جي دوران حاجي ڪو گناهہ جو ڪم نہ ڪري، نہ ئي رِياڪاري ۽ شهرت جو ڪو شڪ ۽ شُبو ٿئي، بلڪ صِرف الله جي رِضاء جي لاءِ هجي- (بهشت ڪي ڪنجيان،ص۱۰۷بتغير قليل)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مقبول حج جون ڪجهہ نشانيون اسان ٻڌيون، پر ان جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ جيڪڏهن ڪنهن حاجي ۾ اهي نشانيون نظر نہ اچن تہ اسان ان جي باري ۾ بدگماني ۾ مبتلا ٿي وڃون ۽ ٻين کي ٻڌائيندا وتون تہ فُلاڻيءَ جو حج قبول ناهي ٿيو ڇوتہ نشانيون نظر نٿيون اچن- يقيناً اسان جو خالق ۽ مالڪ جن کي چاهيندو آهي نيڪ ڪمن جي توفيق عطا فرمائيندو آهي ۽ جنهن کي چاهيندو آهي حج جون سعادتون عطا ڪندو آهي- ان ڪري اسان کي هر حال ۾ حُسنِ ظن جو دامن پڪڙي رکڻ گهرجي-

الله پاڪ اسان کي هر حال ۾ ٻين سان حُسنِ ظن قائم رکڻ جي توفيق عطا فرمائي-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

## ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿيون.

☆ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي- ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو- (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعه، بدرالطَّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين- هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته ان تي رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا- - (دُرِّمُختار، رَدُّالْمُحتَار،٦٦٨/٩- بهارِشريعت حصّه١٦ ص ٢٢٥،٢٢٦) ☆ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار ڇيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کاٻي هٿ جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي- (دُرِّمُختار،٦٤٠/٩ ، اِحْياءُ الْعُلُوم ١٩٣/١،) ☆ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي- بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري ڇيچ سميت ننهن ڪٽيو- (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي- (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان ڪوڙهه جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي- (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو ته به حرج ناهي- (فتاويٰ

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

هنديه، ۵ /۳۵۸)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ڪيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب”سنتين۽آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد